سنڌي ترجمو

# عيد نماز جو طريقو




شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت، بانيءِ دعوتِ اسلامي، حضرت علامه مولانا ابوبلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه



مدني چينل ڏسندا رهو



مكتبة المدينه
(دعوتِ اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ؕ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ ؕ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# عيد نماز جو طريقو

**شيطان يلي ڪيتري به سستي ڏياري پر هي رسالو شروع ڪان آخر تائين پڙهي وٺو، اِن شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جا فائدا پاڻ ئي ڏسندؤ.**

## دُرود شريف جي فضيلت

**مديني جي سلطان، رحمتِ عالميان، سروَرِ ذِيشان** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو فرمان جنّت نشان آهي: ”جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن ۽ رات 100 ڀيرا درود شريف پڙهندو الله تعاليٰ ان جون 100 حاجتون پوريون فرمائيندو، 70 آخرت جون ۽ 30 دنيا جون“.**
(تاريخ دمشق لابن عساڪر ج 54 ص 301 دارالفڪر بيروت)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دل زنده رهندي

**رسولِ مُحۡتَشَم، نورِ مُجَسَّم، شاهِ بَني آدم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو فرمان عاليشان آهي: جنهن عيدن جي رات** (يعني عيدالفِطۡر جي رات ۽ عيدالاَضۡحيٰ جي رات ثواب حاصل ڪرڻ لاءِ) **قِيام ڪيو** (يعني عبادت ۾ گذاري) **ان ڏينهن ان جي دل نه مرندي جنهن ڏينهن ماڻهن جون دليون مري وينديون.**
(سنن ابن ماجه ج 2 ص365 حديث 1782 دارالمعرفة بيروت)

www.dawateislami.net

# عيد نماز جو طريقو

شيخ طريقت، امير اهسلنت، باني ءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

دامت برڪاتهم العَاليه

## مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

## مجلسِ تراجِم

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته **مجلس تراجم** کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)

عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران

پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي

فون نمبر: 021_34921389_90_91

*E-mail: majlistarajim@dawateislami.net*


www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي .

## جنّت واجب ٿي ويندي آهي

هڪ ٻئي جڳهه تي حضرت سيّدنا مُعاذ بن جَبَل رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي فرمائن ٿا: جيڪو پنج راتين ۾ شبِ بيداري ڪري (يعني جاڳي عبادت ۾ گذاري) ان جي لاءِ جنّت واجب ٿي ويندي آهي، ذُوالحَج شريف جي اَٺين، نائين ۽ ڏهين رات (اهڙي طرح ٽي راتيون ته اهي ٿيون) چوٿين عيدالفِطر جي رات، پنجين شَعۡبانُ المُعَظَّم جي پندرهين رات (يعني شب براءت) .

(الترغيب والترهيب ج 2 ص 98 حديث 2)

## عيد نماز لاءِ وڃڻ کان اڳ جي سنّت

حضرت سيّدنا بُرَيده رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته حُضُور انور، شافِعِ مَحۡشَر صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم عيدُ الفِطر جي ڏينهن ڪجهه کائي نماز لاءِ تشريف وٺي ويندا هئا ۽ عيدالاَضۡحيٰ جي ڏينهن ڪجهه نه کائيندا هئا ايستائين جو نماز کان فارغ نه ٿي وڃن .

(سنن ترمذي ج 2 ص 70 حديث 542 دارالفكر بيروت) ۽ ”بخاري شريف“ جي روايت سَيِّدنا انس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان آهي ته عيدُ الفِطر جي ڏينهن ايستائين تشريف نه وٺي ويندا هئا جيستائين ڪجهه کارڪون نه کائي وٺن، ۽ اهي اکي عدد ۾ هونديون هيون .

(صحيح بخاري ج 1 ص 328 حديث 953 دارالكتب العلمية بيروت)

## عيد نماز لاءِ اچڻ وڃڻ جي سنّت

حضرت سَيِّدنا ابو هريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم :جنھن مون تي ڏينھن ۾ پنجاھ ڀيرا درود پاڪ پڙھيو قيامت جي ڏينھن مان ان سان مصافحو ڪندس .

**تاجدار مدينہ، سُرُورِ قَلب و سينہ** صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **عيد جي ڏينھن** (عيد نماز لاءِ) هڪ رستي کان تشريف وٺي ويندا هئا ۽ ٻئي رستي کان تشريف وٺي ايندا هئا .

(سنن ترمذي ج 2 ص69 حديث 541 دارالفکر بيروت)

# عيدنمازجوطريقو

پھرين هن طرح نيّت ڪريو: مان نيّت ڪريان ٿو ٻہ رڪعت نماز **عيدالفِطر** (يا عيدالاضحيٰ) جي ساڻ ڇھ زائد تڪبيرن جي، واسطي الله تعاليٰ جي، پنيان هن امام جي، پوءِ ڪنن تائين هٿ کڻو ۽ اَللّٰهُ اَكۡبَر چئي دُن جي هينان ٻَڌي ڇڏيو ۽ ثنا پڙهو، پوءِ ڪنن تائين هٿ کڻو ۽ اَللّٰهُ اَكۡبَر چئي هٿ ڇڏي ڏيو، پوءِ ٻيھر ڪنن تائين هٿ کڻو ۽ اَللّٰهُ اَكۡبَر چئي هٿ ڇڏي ڏيو، وري ڪنن تائين هٿ کڻو ۽ اَللّٰهُ اَكۡبَر چئي هٿ ٻڌي ڇڏيو، يعني پھرين تڪبير کان پوءِ هٿ ٻڌو ان کان بعد ٻيءَ ۽ ٽين تڪبير ۾ هٿ ڇڏي ڏيو ۽ چوٿين ۾ هٿ ٻڌي ڇڏيو. ان کي هيئن ياد رکو جو **جتي قيام ۾ تڪبير کان پوءِ ڪجھ پڙهڻو آهي اتي هٿ ٻَڌڻا آهن ۽ جتي ناهي پڙهڻو اتي هٿ ڇڏي ڏيڻا آهن**، پوءِ امام تَعَوُّذ ۽ تَسۡمِيَہ آهستي پڙهي **اَلۡحَمۡد** شريف ۽ ڪا ٻي سورت جَهر سان (يعني وڏي آواز سان) پڙهي پوءِ رڪوع ڪري، ٻي رڪعت ۾ **اَلۡحَمۡد** شريف ۽ ڪا سورت جهر سان (وڏي آوازسان) پڙهي ۽ پوءِ ٽي دفعا ڪنن تائين هٿ کڻي اَللّٰهُ اَكۡبَر چئو ۽ هٿ نہ ٻَڌو، ۽

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي .

چوٿين ڀيري بنا هٿ کڻندي اَللهُ اَکْبَر چوندي رکوع ۾ وڃو ۽ قاعدي مطابق نماز مکمل ڪريو، هر ٻن تڪبيرن جي وچ ۾ ٽي ڀيرا "سُبْحٰنَ اللهِ" چوڻ جيترو چپ رهڻو آهي.
(بهار شريعت ج 1 ص 781 درمختار ج 3 ص 61 وغيره)

## عيد نماز ڪنهن تي واجب آهي؟

عيدن (يعني عيدالفِطَر ۽ عيدالاَضحيٰ) جي نماز واجب آهي پر سيني تي نه، صرف انهن تي جنهن تي جمعو واجب آهي عيدن ۾ نه اذان آهي نه اقامت . (بهار شريعت ج 1 ص779 ، درمختار ج 3 ص 51)

## عيد جو خطبو سنت آهي

عيدن جي ادا جا اهي ئي شرط آهن جيڪي جمعي جا، صرف فرق ايترو آهي جو جمعي ۾ خطبو شرط آهي ۽ عيدن ۾ سنت، جمعي جو خطبو نماز کان اڳ ۾ آهي ۽ عيدن جو نماز کان پوءِ. (بهار شريعت ج 1 ص 779 عالمگيري ج 1 ص 150)

## عيد نماز جو وقت

انهن ٻنهي نمازن جو وقت سج جي نيزي جيترو بلند ٿيڻ (يعني سج اڀرڻ جي 20 منٽن کان بعد) کان وٺي ضَحوهِ ڪُبريٰ يعني نِصفُ النَّهار شرعي تائين آهي. پر عيد الفِطر ۾ دير ڪرڻ ۽ عيد الاَضحيٰ جلد پڙهڻ مُستَحب آهي .
(بهار شريعت ج 1 ص 781 درمختار ج 3 ص 60)

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم :جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي .

# عيد نماز اڌ ملي ته.....؟

پهرين رڪعت ۾ امام جي تڪبيرون چوڻ کان پوءِ مُقْتَدِي شامل ٿيو ته ان وقت (تڪبير تَحْرِيمه کان علاوه وڌيڪ) ٽي تڪبيرون چوي، جيتوڻيڪ امام قراءَت شروع ڪري ڇڏي هجي ۽ ٽي ئي چوي، جيتوڻيڪ امام ٽن کان وڌيڪ چيون هجن، ۽ جيڪڏهن ان تڪبيرون نه چيون ۽ امام رڪوع ۾ هليو ويو ته بيٺي بيٺي نه چوي، بلڪ امام سان گڏ رڪوع ۾ وڃي ۽ رڪوع ۾ تڪبيرون چوي، ۽ جيڪڏهن امام کي رڪوع ۾ مليو ۽ غالب گمان آهي ته تڪبيرون چئي امام سان رڪوع ۾ ملي ويندو ته بيٺي بيٺي چوي پوءِ رڪوع ۾ وڃي، يا ٻي صورت ۾ اَللّٰهُ اَكْبَر چئي رڪوع ۾ وڃي ۽ رڪوع ۾ تڪبيرون چوي پوءِ جيڪڏهن ان رڪوع ۾ تڪبيرون پوريون نه ڪيون هيون ته امام مٿو مٿي ڪنيو ته باقي تڪبيرون معاف ٿي ويون (يعني باقي تڪبيرون هاڻي نه چوي) ۽ جيڪڏهن امام جي رڪوع کان اٿڻ کان پوءِ شامل ٿيو ته هاڻي تڪبيرون نه چوي بلڪ (امام جي سلام ڦيرڻ کان پوءِ) جڏهن پنهنجي رهيل رڪعت پڙهي ان وقت چوي ۽ رڪوع ۾ جتي تڪبير چوڻ ٻڌايو ويو، ان ۾ هٿ نه کڻي ۽ جيڪڏهن ٻي رڪعت ۾ شامل ٿيو ته پهرين رڪعت جون تڪبيرون هاڻي نه چوي بلڪ جڏهن پنهنجي رهيل (رڪعت) پڙهڻ لاءِ بيهي ان وقت چوي، ٻي رڪعت

www.dawateislami.net

جون تڪبيرون جيڪڏهن امام سان ملي وڃن ته بهتر نه ته ان ۾ اهو ئي تفصيل آهي جيڪو پهرين رڪعت جي باري ۾ ذڪر ٿيو. (بهار شريعت ج 1 ص 782 درمختار ج 3 ص 63 عالمگيري ج 1 ص 151)

## عيد جي جماعت نه ملي ته ڇا ڪري؟

امام نماز پڙهي ورتي ۽ ڪو شخص رهجي ويجي ڇاهي اهو شامل ئي نه ٿيو هو يا شامل ته ٿيو هيو پر ان جي نماز فاسد ٿي وئي ته جيڪڏهن ٻي جڳهه ملي وڃي ته پڙهي وٺي نه ته (بنا جماعت جي) نه ٿو پڙهي سگهي، ها بهتر اهو آهي ته اهو شخص چار رڪعت چاشت جي نماز پڙهي . (درمختار ج 3 ص 67)

## عيد جي خطبي جا احڪام

نماز کان پوءِ امام به خطبا پڙهي ۽ جمعي جي خطبي ۾ جيڪي شيون سنّت آهن اهي ان ۾ به سنّت آهن ۽ جيڪي اتي مَڪروهه آهن اهي هتي به مَڪروهه آهن صرف ٻن ڳالهين ۾ فرق آهي هڪ اهو ته جمعي جي پهرين خطبي کان اڳ ۾ خطيب جو ويهڻ سنّت آهي ۽ هن ۾ نه ويهڻ سنّت آهي، ٻيو اهو ته ان ۾ پهرئين خطبي کان اڳ ۾ 9 ڀيرا ۽ ٻئي کان اڳ ۾ 7 ڀيرا ۽ مِنبر کان لهڻ کان اڳ ۾ 14 ڀيرا اَللّٰهُ اَکْبَر چوڻ سنّت آهي ۽ جمعي ۾ سنت ناهي .

(بهار شريعت ج 1 ص 783، درمختار ج 3 ص 67،عالمگيري ج 1 ص 150)

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو تہ مونِ تي بہ پڙهو بيشڪ آءٌ سڀني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان.

# ”آقا عيدي ۾ ڏيو غم مديني جو“ جي ويهن اکرن جي نسبت سان عيد جون 20 سنتون ۽ آداب

## عيد جي ڏينهن هي ڪم مُستَحَب آهن

۞ وار نهرائڻ (پر زُلف نهرايو نہ ڪي انگريزي وار) ۞ ننهن ڪٽڻ ۞ غسل ڪرڻ ۞ ڏندڻ ڪرڻ (هي وضو واري ڏندڻ کان علاوه آهي) ۞ سنا ڪپڙا پائڻ، نوان هجن تہ نوان نہ تہ ڌوتل هجن ۞ خوشبو لڳائڻ ۞ مندي پائڻ (جڏهن بہ مندي پايو تہ هن ڳالهہ جو خاص خيال رکو تہ صرف ساڍي چار ماشن کان گهٽ وزن جي چاندي واري هڪ ئي مندي پايو، هڪ کان وڌيڪ نہ پايو، بنا ٻڙي واري بہ نہ پايو، ٻڙي جي وزن جو ڪو شرط ناهي، چاندي جو چلو يا چاندي جي بيان ڪيل وزن وغيره کان علاوه ڪنهن بہ ڌاتوءَ جي مندي يا چلو مرد نٿو پائي سگهي) ۞ فجر جي نماز پاڙي واري مسجد ۾ پڙهڻ ۞ عيدالفطر جي نماز لاءِ وڃڻ کان اڳ ۾ ڪجھ ڪارڪون کائڻ، ٽي، پنج، ست يا گهٽ وڌ پر اڪي عدد ۾ هجن، ڪارڪون نہ هجن تہ ڪا مٺي شيءِ کائو جيڪڏهن نماز کان اڳ ۾ ڪجھ بہ نہ کاڌو تہ گناهہ ناهي، پر عشاء تائين نہ کاڌو تہ عِتاب (يعني ملامت) ڪيو ويندو ۞ عيد نماز عيد گاهہ ۾ ادا ڪرڻ ۞ عيد گاهہ ڏانهن پيادل هلڻ ۞ سواري تي بہ حرج ناهي، پر جنهن کي پيادل هلڻ جي طاقت هجي ان جي لاءِ پيادل هلڻ افضل آهي ۽ واپسيءَ تي سواري تي اچڻ ۾ حرج ناهي ۞

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه تعالٰی عليه واٰله وسلم : توهان جتي بہ هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچندو آهي .

عيد نماز لاءِ هڪ رستي کان وڃڻ ۽ ٻي رستي کان واپس اچڻ ۞ عيد نماز کان اڳ ۾ فطرو ادا ڪرڻ (افضل تہ اهو آهي پر عيد نماز کان اڳ ۾ نہ ڏئي سگهو تہ بعد ۾ ڏئي ڇڏيو) ۞ خوشي ظاهر ڪرڻ ۞ ڪثرت سان صدقو ڪرڻ ۞ عيد گاهہ ڏانهن اِطْمِينان ۽ وقار سان نظرون جهڪائي وڃڻ ۞ پاڻ ۾ مبارڪون ڏيڻ ۞ عيد نماز کان پوءِ هٿ ملائڻ ۽ ڀاڪر پائڻ جيئن عام طور تي مسلمانن ۾ رائج آهي اهو بهتر آهي ڇوتہ ان ۾ خوشي جو اظهار آهي، پر خوبصورت اَمْرَد (ننڍي ڇوڪر) سان ڀاڪر پائي ملڻ فتني جو انديشو آهي ۞ عيدالفِطر جي نماز لاءِ ويندي رستي ۾ آهستي تڪبير چئو ۽ عيدالاَضْحيٰ جي نماز لاءِ ويندي رستي ۾ بلند آواز سان تڪبير چئو، تڪبير هي آهي:

اَللّٰہُ اَکْبَرُ ط اَللّٰہُ اَکْبَرُ لَآاِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ
وَاللّٰہُ اَکْبَرُ ط اَللّٰہُ اَکْبَرُ وَ لِلّٰہِ الْحَمْدُ

ترجمو: الله سڀ کان وڏو آهي الله سڀ کان وڏو آهي الله ڪانسواءِ ڪو عبادت جي لائق ناهي ۽ الله سڀ کان وڏو آهي ۽ الله جي لاءِ ئي تمام خوبيون آهن.

(بهار شريعت ج 1 ص 779 تا 781 عالمگيري ج 1 ص 149،150 وغيره)

## عيدالاَضحيٰ جو هڪ مُستَحَب

عيدالاَضْحيٰ تمام احڪامن ۾ عيدالفطر جيان آهي صرف ڪجهہ ڳالهين ۾ فرق آهي مثلاً عيدالاضحيٰ ۾ مُسْتَحَب اهو آهي تہ نماز کان اڳ ۾ ڪجهہ نہ کائي چاهي قرباني ڪري يا نہ ڪري ۽ جيڪڏهن کاڌو تہ ڪراهت بہ ناهي . (عالمگيري ج 1 ص 152)

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.

# ”الله اڪبر“ جي اٺن اکرن جي نسبت سان تڪبير تشريق جا 8 مدني گل

۞ 9 نائين ذوالحج جي فجر کان 13 تيرهين جي عصر جي نماز تائين پنجن وقتن جون فرض نمازون جيڪي مسجد ۾ جماعت مُستَحَبہ سان ادا ڪيون ويون انهن ۾ هڪ ڀيرو بلند آواز سان تڪبير چوڻ واجب آهي ۽ ٽي ڀيرا افضل، ان کي تڪبيرِ تَشرِيق چوندا آهن ۽ اها هي آهي:

اَللهُ اَكْبَرُ ط اَللهُ اَكْبَرُ لَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَاللهُ اَكْبَرُ ط اَللهُ اَكْبَرُ وَلِلّٰهِ الْحَمْد

(بهار شريعت ج 1 ص 779 تا 785 تنوير الابصار ج 3 ص 71)

۞ تڪبيرِ تَشرِيق سلام ڦيرڻ کان بعد فوراً واجب آهي يعني جيستائين ڪو اهڙو ڪم نہ ڪيو هجي جو ان تي نماز جي بِناء نہ ڪري سگهي. مثلاً جيڪڏهن مسجد کان ٻاهر ٿي ويو يا ڄاڻي واڻي وضو ٽوڙي ڇڏيائين يا چاهي ڀُلجي ئي ڳالهہ ڪيائين تہ تڪبير ساقط (يعني معاف) ٿي وئي ۽ ڄاڻي واڻي وضو نہ ٽوڙيائين تہ چئي وٺي. (درمختار و ردالمحتار ج 3 ص 73)

۞ تڪبير تشريق ان تي واجب آهي جيڪو شخص شهر ۾ مُقِيم هجي يا جنهن مقيم جي اِقْتِدا ڪئي اهو اقتدا ڪرڻ وارو ڪٿي مسافر هجي يا ڳوٺ ۾ رهڻ وارو ۽ جيڪڏهن ان جي اقتدا نہ ڪن تہ انهن تي (يعني مسافر ۽ ڳوٺ ۾ رهڻ واري تي) تڪبير واجب ناهي. (درمختار ج 3 ص 74)

۞ مقيم جيڪڏهن مسافر جي اقتدا ڪئي تہ مقيم تي تڪبير

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا ـ

واجب آهي جيتوڻيڪ ان مسافر امام تي واجب ناهي .
(درمختار و ردالمحتار ج 3 ص 74)

۞ نفل سنت ۽ وتر ڪان پوءِ تڪبير واجب ناهي.
(بهارشريعت ج 1 ص785 ردالمحتار ج 3 ص 73)

۞ جمعي ڪان پوءِ واجب آهي ۽ عيد (الاضحيٰ) جي نماز ڪان پوءِ به چئي وڃي . (ايضاً)

۞ مَسْبُوق (جنهن جي هڪ يا ان ڪان وڌيڪ رڪعتون رهجي ويون هجن) ان تي تڪبير واجب آهي پر جڏهن پاڻ سلام ڦيري ان وقت چئي . (ردالمحتار ج 3 ص 76)

۞ مُنْفَرِد (يعني اڪيلو نماز پڙهڻ واري ) تي واجب ناهي . (الجوهرة النيرة ص 122) پر چئي ڇڏي جو صاحِبَين (يعني امام ابويوسف ۽ امام محمد) رحمهما اللہ تعاليٰ وٽ ان تي به واجب آهي. (بهارشريعت ج 1 ص 786)

(عيد جي فضيلتن تي تفصيلي معلومات جي لاءِ **فيضان سنت** جي باب **فيضان رمضان** مان **فيضان عيدالفطر** جو مطالعو فرمايو)

**اي اسان جا پيارا الله** عزوجل اسان کي عيد سڳوري جون خوشيون سنّت جي مطابق ملهائڻ جي توفيق عطا فرماءِ. اسان کي حج شريف ۽ تاجدار مدينہ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم ۽ ديار مدينہ جي ديد جي حقيقي عيد بار بار نصيب فرماءِ.

اٰمين بِجَاہِ النّبي الاَمين صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم

تری جبکہ دید ہو گی جبھی میری عید ہو گی
مِرے خواب میں تُو آنا مَدَنی مدینے والے

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

# مدني بهار

حيدرآباد جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهه هن طرح بيان آهي. گهڻو ڪري 1994ع جي ڳالهه آهي. منهنجي ٻارن جي ماءُ جو سائيءَ جو مرض (يعني يرقان) ڪافي وڌي چُڪو هو ۽ هوءَ بابُ المدينه ڪراچيءَ ۾ پنهنجي پيڪن وٽ زيرِ علاج هئي. مون 63 **ڏينهن جي لاءِ مدني قافلي** ۾ سفر اختيار ڪيو ۽ انهيءَ سلسلي ۾ باب المدينه ڪراچي حاضري ٿي، فون تي رابطو ڪيو، طبيعت ڪافي ڳڻتيءَ جوڳي هئي، بلوربن (Blorbin) خطرناڪ حد تائين وڌي چُڪو هو، تقريبًا 25 گلوڪوز جون ڊرپون لڳائڻ جي باوجود مناسب فائدو نہ ٿيو. مون کين تسلي ڏيندي چيو: اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ آءُ **مدني قافلي جو مسافر** آهيان، عاشقانِ رسول جون صحبتون مُيَسَّر آهن. اِن شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي جي بَرَڪت سان سڀ ڪجهه بهتر ٿي ويندو. ان ڪان پوءِ بہ مون لڳاتار رابطو رکيو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ڏينهون ڏينهن صحت بهتر ٿيندي پئي ويئي. پنجين ڏينهن باب المدينه ڪان اڳتي سفر درپيش هو. مون جيئن ئي فون ڪئي تہ مون کي هيءَ فرحت بخش خبر ٻُڌڻ لاءِ ملي، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **بلوربن جي رپورٽ نارمل آئي آهي ۽ ڊاڪٽر اطمينان جو اظهار ڪيو آهي.** الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪندي مان خوشيءَ وچان **عاشقانِ رسول** سان گڏ مدني قافلي ۾ وڌيڪ اڳتي سفر تي روانو ٿي ويس.

www.dawateislami.net

